# سنڌو سپيتا جا محقق

ليکڪ: رڪ سنڌي

ساٽيهه اشاعت گهر، حيدرآباد،
سنڌ

ڪتاب جو نالو: سنڌو سڀيتا جا محقق
مصنف: رک سنڌي
ڇپائيندڙ: ساٽيهه اشاعت گهر، حيدرآباد،
سنڌ
سال: مارچ، 2016ع

Book: Indus Civilization Scholars
Author: Ruk Sindhi
Year: March 2016

Publisher: Saneeh Ishat Ghar
Hyderabad, Sindh

# مهاڳ

سنڌو ماٿري جي 5 هزار سال کان وڌيک قديم سڀيتا سن 1920ع  پنجاب  هڙاپا جي قديم ماڳ تي کوٽائي کان پوءِ دنيا سان پهريون ڀيرو روشناس ٿي. جنهن بعد 1922ع  موهن جي دڙي جا آثار ملڻ کان پوءِ دنيا جي هن قديم تهذيب مٿان زمانن جا پيل پردا  لٽ لهڻ شروع ٿيا. قديم

آثارن جي ماهرن جون پڙهي اخبارن ۾ هن عظيم تهذيب بابت رپورٽون ۽ بيان شايع ٿيڻ شروع ٿيا ۽ جلد ئي سڄي دنيا ۾ هن عظيم تهذيب ۽ تمدن جي هاڪ پئجي وئي. انهن ٻن ماڳن جي کوٽائيءَ سان ئي سنڌو ماٿري جي اڻ لکيل تاريخ ۾ 5 هزار سال اڳ جي سونهري دور جو اضافو ڪيو. برصغير سميت سڄي دنيا جي تهذيب ۽ تاريخ جي ڪتابن جي شروعات هن خطي جي ذڪر سان ٿيڻ لڳي.

هڙاپا جي قديم ماڳ بابت ان وقت پهريون پيرو انڪشاف ٿيو، جڏهن برٽش سرڪار 1856ع ۾ ريلوي لائين وڇائڻ لاءِ کوٽائي جو ڪم شروع ڪيو. پنجاب جي ضلعي ساهيوال ۾ هڙاپا ڳوٺ وٽان ريلوي لائين وڇائيندي قديم دور جا ڪجهه نوادرات هٿ آيا. آرڪيالاجيڪل سروي آف انڊيا جي ڊائريڪٽر جنرل الگزينڊر ڪنگهم هن ماڳ جي چوڪ ۽ چڪاس بعد ان کي 5 هزار سال پراڻي تهذيب قرار ڏنو. جنهن بعد سن 1920ع ۾ آرڪيالاجيڪل سروي آف انڊيا طرفان هن قديم ماڳ جي کوٽائي جو ڪم شروع ڪيو ويو. هڙاپا جي قديم ماڳ جي راءِ بهادر ديارام ساهني ۽ آر ڊي بئنرجي جي سربراهي ۾ 1920ع ۽ 1921ع ۾ کوٽائي شروع ڪئي وئي. جتان 5 هزار سال پراڻي تهذيب جا آثار نڪري نروار ٿيا. ان تهذيب کي شروع ۾ هن ئي ماڳ جي نالي پويان هڙاپا تهذيب جو نالو ڏنو ويو.

هڙاپا جي قديم ماڳ جي دريافت دوران انڊيا جي قديم آثارن جي ماهر راکلداس بئنرجي 1918ع کان ڏکڻ پنجاب، بيڪانير، بهاولپور ۽ سنڌ ۾ سڪندر اعظم جا اهي 11 ٿل ڳولڻ لاءِ مختلف هنڌن جي جاچ ۾ کوٽائي ڪرائي. جيڪي سڪندر

اعظم عيسوي سن کان سوا ٽي سو ورهيه اڳ پنهنجي ڪاهه دوران بياس نديءَ جي ڪناري ٺهرايا هئا ۽ مٿن يوناني ٻوليءَ ۽ هندي زبانن ۾ نوشتا اُڪرايا هئا. هن 1918ع کان 1922ع تائين وڏي جدوجهد بعد سنڌ ۾ ڪيرٿر کان سنڌونديءَ تائين جيڪب آباد، سکر ۽ لاڙڪاڻي ضلعن ۾ 27 وڏن ۽ 53 ننڍن دڙن کي ڳولي، انهن جي کوٽائي ڪرائي، پر اتفاق سان اهي سڀ ٻڌ دور جا يادگار نڪتا. ائين اتفاق سان هيءُ ماهر ووڙيندو ووڙيندو 1922ع ۾ اچي لاڙڪاڻي ضلعي جي ڏوڪري شهر کان 6 ميل پري هڪ ٻڌ اسٽوپا وٽ پهتو، جيڪو ٻڌ دور جو هڪ مندر هيو. اهو ٿل سنڌونديءَ جي سطح کان 46 فوٽ مٿي هڪ دڙي تي هيو. جنهن ٿل جو ۽ اتان مليل ٻڌ ڌرم جي پڪشن جي رهڻ جي جاين جو ان کان هيٺين تهن يا زماني سان ڪنهن به قسم جو واسطو نه هو. هي مٿيون سڀ تعميرات ٻڌ ڌرم جي راجا واسديو (پهريون) جي دور جون هيون. اهي ان کان هيٺ موجود شهر جي تباهي کان پوءِ هزار سال گذرڻ بعد ان مٿان وري اڏيون ويون هيون. ان خيال کان ته زمين جي سطح کان مٿانهين جڳهه تي مذهبي آستان جوڙڻ سان ان جو سال بسال سنڌو جي ٽيندڙ ٻوڏين کان بچاءُ ٿي پئي سگهيو.

جڏهن بئنرجي ٿل پرسان ڪجهه کوٽائي ڪرائي ته کيس اتان پٿر جا ڪپ ۽ ٺڪر جي ٿانون جو اهڙو ٺيڪرات هٿ آيو، جن جو ٻڌ دور سان ڪو به واسطو نه هيو. پر اهي ڪنهن هزارين سال پراڻي دور جي ڪنهن نرالي تهذيب جي نشاندهي ڪن پيا. جڏهن بئنرجي اسٽوپا پرسان کوٽائي ڪرائي ته اتان هن کي هڪ اهڙي مهر ملي، جيڪا شڪل ۽ صورت ۾ هڙاپا مان مليل هڪ تصويري

رسم الخط واري مهر سان هڪ جهڙائي ڏيکاري
پئي. جيڪا سر الگزينڊر ڪنگهم کي هڙاپا جي
کوٽائي مان ملي هئي. ان مان بئنرجي اندازو لڳايو
ته هتان اجا ڪنهن قديم تهذيب تي روشني پوندي.
جيڪا هڙاپا وانگر 5 هزار سال کن پراڻي هوندي.
ڇو جو هتان ملندڙ ڪجهه اوزار ۾ نڪر جا ٿانون
هڙاپا مان انهن ئي ڏينهن ۾ ٿيندڙ کوٽائي مان ملي
رهيا هئا. جيڪو هنڌ ان وقت برصغير ۾ سڀ کان
پراڻو ۾ قديم شمار ڪيو ويندو هو. موهن جي دڙي
جي هن قديم ماڳ جي وڏيڪ کوٽائي ان وقت انڊيا
جي قديم آثارن واري کاتي جي ڊائريڪٽر جنرل سر
جان مارشل جي نظرداريءَ هيٺ 1922ع جي
سياري جي مند ۾ ٿي، جيڪا لاڳيتو 1927ع تائين
هلي.

سنڌو سڀيتا جي ٻن اهم ماڳن موهن جو دڙو
۾ هڙاپا جي کوٽاين کان پوءِ دنيا جي پهرين شهري
تهذيب جا پڙاڏا دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ گونجي اٿيا ۾
هن عظيم تهذيب دنيا جهان جي ماهرن جو ڌيان
ڏانهن ڏيان ڇڪايو. گڏيل هندستان ۾ برٽش راڄ ۾
ان کان پوءِ برصغير جي ورهاڱي بعد مختلف ملڪن
جي ماهرن هن تهذيب تي کوجنا شروع ڪئي ۾
وڏين وڏين يونيورسٽين طرفان هن تهذيب تي
کوجنا لاءِ الڳ ادارا قائم ڪيا ويا. ان سان گڏوگڏ
پاڪستان ۾ ڀارت ۾ هن تهذيب جا وڏيڪ ماڳ به
دريافت ڪري انهن جي کوٽائي ڪرائي وئي. هن
وقت تائين پاڪستان۾ انڊيا ۾ سنڌو سڀيتا جا 15
سو کان وڌيڪ قديم ماڳ دريافت ٿي چڪا آهن.
سنڌو سڀيتا تي تحقيق جو ڪم پاڪستان ۾ انڊيا
کان وڌيڪ ٻين ملڪن ۾ ڪيو ويو، خاص ڪري ان
مقصد لاءِ الڳ ادارا قائم ڪري ۾ وڏا وڏا پراجيڪٽ

جوڙي تحقيق جو ڪم شروع ڪيو ويو. جيڪو اڄ به جاري آهي.

جڏهن مون پنهنجو ڪتاب “سنڌو سڀيتا جي اوسر” لکڻ شروع ڪيو ته ان دوران انهن ماهرن بابت به مواد گڏ ڪرڻ شروع ڪيو، جن مختلف رخن کان سنڌو سڀيتا تي تحقيق ڪئي هئي يا ڪري رهيا آهن. جيئن ايندڙ مستقبل ۾ سنڌو سڀيتا تي تحقيق ڪندڙن کي مددي مواد مهيا ٿي سگهي. منهنجو هي ڪتاب “سنڌو سڀيتا جا محقق” ان ئي سلسلي جي ڪڙي آهي. هن ڪتاب ۾ سنڌو سڀيتا تي تحقيق ڪندڙ آرڪيالاجسٽن، جيالاجسٽن، اينٿروپلاجسٽن، ٻولي ۾ لکت جي ماهرن بابت فقط اها ڄاڻ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، جيڪا سنڌو ماٿري جي سڀيتا سان تحقيق متعلق ڪارگر ٿي سگهي ٿي. هن ڪتاب ۾ سندن انهن ئي ڪتابن، مقالن، ٿيسز ۽ ٻئي مواد جو ذڪر ڪيو ويو آهي. جيڪي سنڌو سڀيتا متعلق تحقيق سان لاڳاپيل آهن. مان هن ڪتاب ۾ ڪوشش ڪئي آهي ته سنڌو سڀيتا متعلق ڪوجنا ڪندڙ مڙني اهم ماهرن بابت ڄاڻ ڏئي سگهان، ان سلسلي ۾ 95 ماهرن جو تعارف ۽ سندن ٿيل تحقيق کي هن ڪتاب ۾ شامل ڪري سگهيو آهيان. پر ان باوجود ڪافي اهڙا ماهر رهجي ويا آهن، جيڪي سنڌو تهذيب تي ڪوجنا سان بلڪل ويجهڙائي واري وقت ۾ سلهاڙيا آهن. منهنجو هي ڪتاب ايندڙ مستقبل ۾ سنڌو سڀيتا تي تحقيق ڪندڙن لاءِ هڪ سونهين طور ڪم ڏيندو.

رک سنڌي

26 مارچ 2016ع

# فهرست

احمد حسين داني
اڪانوري يوئسيوگي
الگزينڊر ڪنگهم
امريتا سارڪر
اينڊريو روبنسن
اي ايل باشم
آسڪو پرپولا
اورل اسٽين
اروري ديدير
بي بي لال
بي ڪي ٿاپر
بينجمن ويلنٽائين
ڀيرو مل مهرچند آڏواڻي
برجيت آلچن
ڪيمرون اينڊريو پيٽراءِ

ڊيوڊ اي هوڊيل
ڊيوڊ فراولي
ديا رام ساهني
ڊينس فرينز
ديو پرڪاش شرما
دليپ ڪمار چڪرابرتي
ارنيسٽ ميڪي
ايف اي خان
جارج ايف ڊيلز
غلام علي الانا
گريگوري پوسيهل
ايچ ٽي لئمبرڪ
هينري هيرس
هينري ڪزنس
هيتوشي اينڊو
ادريس صديقي
اروٿم مهاديون
جين ميڪنٽوس
جين فرانڪوس جارجي
جين ميري ڪيسل
جم جي شيفر
سر جان مارشل
جوناٿن مارڪ ڪينوائر

ڪلديپ پان
ڪماراسامي ٽنگاراج
لالجي سنگهه
لورا جي ملر
لورينس ويڊل
لويو گيوسين
ايم بي پٽاوالا
ايم ايچ پنهور
ايم اين وهيا
ماڌو سروپ ويٽس
مالتي جي شاندي
ماسيمو ودالي
ميڪس مولر
مائيڪل پيتراگليا
مائيڪل جانسين
مائيڪل وٽزل
محمد رفيق مغل
مولائي شيدائي
مورٽيمر ويلر
اين جي مجمدار
نبي بخش بلوچ
نارائڻ ڏڪشت

نائينجوت لاهري
نشا يادو
پي اجيٿ پرساد
پائلو بيگي
پروين ٽالپر
آر ڊي بئنرجي
آر اڌيڪاري
راجيش رائو
رنڊال وليم لا
ريمنڊ آلچن
رچرڊ ايڇ ميداو
رچرڊ اسپروٽ
ريتا پي رائيٽ
رابن ڊينل
ايس ڪليانارامائن
ايس آر رائو
سمر ڪنڊو
شاهده انصاري
شري ڪلارڪ
شيرين رتناگر
سراج الحق ميمڻ
اسٽيون ويبر
اسٽورٽ پگوٽ

ايس پي گپتا
سيد حاڪم علي شاهه
توشيڪي اوساڊا
يوٽي فرانڪ ووگٽ
وي ايڇ سوناواني
ويندرا ناٿ مسرا
وسنت شاندي
وينا مشرف ترپاٺي
والٽر فيئرسروس
وليم بيلچر
ياما ڊڪشٽ
يوري ڪنوروزوف

# احمد حسين داني

# Ahmad Hasan Dani

پروفيسر احمد حسين داني (A. H. Dani) پاڪستان جو مشهور آرڪيالاجسٽ، تاريخدان ۽ ٻولي ماهر هيو. پاڻ 20 جون 1920ع ۾ ڀارتي رياست ڇتيسگڙهه جي باسنا

شهر ۾ جنم ورتو ۽ 26 جنوري 2009ع ۾ اسلام آباد ۾ دل جي تڪليف سبب لاڏاڻو ڪري ويو. اي ايڇ داني بنارس هندو يونيورسٽي مان 1944ع ۾ ايم اي جي ڊگري حاصل ڪئي. جنهن بعد پاڻ 1945ع ۾ مشهور آرڪيالاجسٽ مارٽيمر ويلر جي سربراهي هيٺ آرڪيالاجي جي شعبي ۾ ٽريني جي حيثيت سان ڪم شروع ڪيو. هن سر مارٽيمر ويلر طرفان ٽيڪسيلا ۽ موهن جو دڙو جي کوٽائي واري ڪم ۾ ساڻس شرڪت ڪئي. جنهن بعد کيس برٽش انڊيا جي آرڪيالاجي کاتي طرفان آگرا ۾ تاج محل جي تاريخي ورثن جي سار سنڀال ۽ حفاظت لاءِ مقرر ڪيو ويو. بعد ۾ پروفيسر داني يونيورسٽي ڪاليج لنڊن جي انسٽيٽيوٽ آف آرڪيالاجي مان پي ايڇ ڊي جي ڊگري حاصل ڪئي.

ڪشميري نسل سان واسطو رکندڙ پروفيسر داني کي ڏکڻ ايشيا ۽ سينٽرل ايشيا جي آرڪيالاجي ۽ تاريخ بابت ماهر تصور ڪيو ويندو آهي. پاڻ سنڌو سڀيتا ۽ گنڌارا تهذيب تي کوجنا

کئي  کيترن ئي قديم ماڳن جي کوٽائي  بهرو ورتو. پروفيسر داني 35 مقامي  بين الاقوامي ٻوليون سمجهي  ڳالهائي سگهندو هو. جن  سنڌي، هندي، بنگالي، کشميري، مراٺي، پشتو، فارسي، پنجابي، سنسکرت، تامل، ترکش، انگلش  اردو ٻوليون شامل آهن. برصغير جي ورهاڱي بعد پروفيسر داني پارٽ کان اوڀر پاکستان (بنگلاديش)  وڃي رهائش اختيار کئي. کيس 1947ع  پاکستان حکومت طرفان آرکيالاجي کاتي  اسسٽنٽ سپرينٽينڊنٽ مقرر کيو ويو. جنهن بعد 1959ع  کيس ترقي ڏئي آرکيالاجي کاتي جو انچارج سپرينٽينڊنٽ مقرر کيو ويو. بعد  1955ع ڌاري کيس نيشنل کاميٽي فار ميوزمس ان پاکستان جو صدر مقرر کيو ويو. پروفيسر داني ڍاکا يونيورسٽي  1950ع کان 1962ع تائين 12 سال تاريخ جي شعبي  پروفيسر طور به ذميواريون نڀايون. بعد  هن پشاور يونيورسٽي جي آرکيالاجي شعبي  1962ع کان 1971ع تائين پروفيسر طور ذميواريون ادا کيون. ان عرصي دوران پروفيسر داني لاهور  پشاور  ميوزمن جي بحالي  ترقي لاءِ کردار ادا کيو. بعد  پاڻ اسلام آباد يونيورسٽي (جنهن جو نالو بعد  قائد اعظم يونيورسٽي  تبديل کيو ويو)  تاريخ  سوشل سائنسز جي شعبن جو سربراهه به رهيو. جتي 1980ع  پنهنجي رٽائرمينٽ تائين خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو. پاڻ ان عرصي دوران آرکيالاجيکل اينڊ هسٽاريکل ايسوسيئيشن آف پاکستان جو صدر به رهيو.

پروفيسر داني سنڌو سڀيتا تي تحقيق  انتهائي اهم کردار ادا کيو. هن ديرا اسماعيل خان

۾ سنڌو سپيتا جي قديم ماڳ رحمان ڍيري جي کوٽائي ڪرائي. پاڻ گنڌارا تهذيب جي ماڳن تي ڪافي کوجنا ڪئي. پروفيسر داني پنهنجي تحقيق ذريعي اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته سنڌو سپيتا هن ماٿري جي پنهنجي اصلوڪي تهذيب هئي ۽ سنڌو سپيتا مٿان ڏکڻ ڀارت جي ڪلچر جي ڪو به اثر موجود ناهي. سنڌو تهذيب جي ترقي ۾ گنگا ماٿري جي ماڻهن جو ڪوبه ڪردار نه هيو. پروفيسر داني سنڌو سپيتا بابت ڪيترائي ڪتاب ۽ مقالا لکيا. جن مان ڪجهه ڪتابن ۽ مقالن جو هيٺ ذڪر ڪجي ٿو.

## ڪتاب ۽ مقالا

- Indus Civilization: New Perspectives. Taxila institute of Asian Civilizations, Quaid-i-Azam University, Islamabad. 1981
- Prehistory and Protohistory of Eastern India: With a Detailed Account of the Neolithic Cultures. K. L. Mukhopadhyay
- Pakistan: Pakistan through ages. Sang-e-Meel Publications. 2007
- Historic City of Taxila. Sang-e-Meel Publications. 2001

- History of Northern Areas of Pakistan (Up to 2000 AD). Sang-e-Meel Publications. 2001
- Romance of the Khyber Pass. Sang-e-Meel Publications. 1997.
- New Light on Central Asia. Sang-e-Meel Publications. 1996
- Central Asia Today. Sang-e-Meel Publications. 1996
- Human Records on Karakorum Highway. Sang-e-Meel Publications. 1995
- Peshawar: Historic City of the Frontier. Sang-e-Meel Publications, (2nd Revised edition). 1995.
- Tribes and Peoples of Northern Punjab (500 BC to Present times). QAU Islamabad Publications, 1993.
- A Short History of Pakistan, Book One: Pre-Muslim Period. University of Karachi. (3 editions, 1967, 1984, 1992)
- History of Northern Areas of Pakistan (Historical studies). National Institute of Historical and Cultural Research. 1989
- Perspectives of Pakistan. National Institute of Pakistan Studies, Quaid-e-Azam University. 1989
- The historic city of Taxila. Centre for East Asian Cultural Studies. 1986.
- Chilas: The City of Nanga Parvat (Dyamar). 1983

- Thatta: Islamic architecture. Institute of Islamic History, Culture & Civilization. 1982
- Alberuni's Indica: A record of the cultural history of South Asia about A.D. 1030. University of Islamabad Press, Islamabad. 1973
- Indian paleography. Clarendon P. 1963.
- Dacca: A record of its changing fortunes. S. S. Dani (Publisher)
- Bibliography of the Muslim Inscriptions of Bengal. 1957

## ٻين محققن سان گڏ لکيل ڪتاب

- With J-P. Mohen (eds.), History of Humanity, Volume III, From the Third Millennium to the Seventh Century BC. New York: Routledge/Paris: UNESCO. 1996
- With V. M. Masson (eds.), History of Civilizations of Central Asia, UNESCO, Paris. 1992– (6 volumes)

# اڪانوري يوئسيوگي
# Akinori UesUgi

جاپان جو آرڪيالاجي ماهر اڪانوري يوئسيوگي سنڌو ماٿري جي سپيتا تي تحقيق سان لاڳاپيل رهيو آهي. پاڻ جاپان جي ڪانسائي يونيورسٽي اوساڪا مان 1994ع ۾ بي اي جي ڊگري حاصل ڪئي، بعد ۾ ساڳي يونيورسٽي مان 1997ع ۾ ايم اي ڪرڻ بعد 2003ع ۾ پي ايچ ڊي جي ڊگري حاصل ڪئي. يوئسيوگي پي ايچ ڊي جي ڊگري لاءِ تحقيق دوران ئي پارٽ ٽائيم ملازمت طور ڪانسائي يونيورسٽي ۾ 2002ع کان 2006ع تائين ليڪچررشپ به ڪئي. جنهن بعد ڪويوٽو ٽاچيبانا يونيورسٽي ۾ به پارٽ ٽائيم ليڪچرار رهيو. پاڻ هن وقت ڪيوٽو يونيورسٽي جاپان جي ريسرچ انسٽيٽيوٽ فار هيومنٽي اينڊ نيچر ۾ ريسرچ فيلو آهي. ڪيس آرڪيالاجي جي شعبي ۾ خاص ڪري ڏکڻ ايشيا ۾ جاپان جي آرڪيالاجي بابت مهارت حاصل آهي.

يوئسيوگي سنڌو سپيتا تي 1991ع کان تحقيق جي شروعات ڪئي، هن 1991ع کان 1998ع تائين اتر پرديش ۾ سنڌو سپيتا جي قديم ماڳ مهيٽ (سرسوتي) جي کوٽائي ۾ حصو ورتو. ان

ماڳ جي کوٽائي آرڪيالاجيڪل سروي آف انڊيا □ ڪانسائي يونيورسٽي جي گڏيل پراجيڪٽ هيٺ ڪرائي وئي. هن پارٽي رياست مهاراشٽريا □ 2003ع کان 2005ع تائين ٻڌ دور جي ماڳن تي به کوجنا ڪئي. يوئسيوگي پاڪستان جي خيبرپختون خواهه صوبي □ سنڌو سڀيتا جي قديم ماڳ گوملا تي به 2003ع کان 2007ع تائين تحقيق ڪئي. جڏهن ته پارٽي راجسٿان □ 2006ع کان 2008ع تائين سنڌو سڀيتا جي قديم ماڳ فارمانا جي کوٽائي □ به حصو ورتو. پاڻ ڪيوٽو يونيورسٽي جي ريسرچ انسٽيٽيوٽ فار هيومنٽي اينڊ نيچر (RIHN) جي انڊس پراجيڪٽ □ به اوساڊا توشيڪي سان گڏ تحقيق □ شامل رهيو □ ان پراجيڪٽ جو ميمبر رهيو. ان پراجيڪٽ جو مقصد سنڌو ماٿري جي سڀيتا □ ماحولياتي تبديلين بابت تحقيق ڪرڻ هئي. انڊس پراجيڪٽ تحت سنڌو ماٿري جي سڀيتا تي 5 سال تحقيق بعد 9 جلد ترتيب ڏئي شايع ڪيا ويا.

## ڪتاب □ مقالا


- Toshiki Osada and Akinori Uesugi (eds.) Occasional Paper 3: Linguistics, Archaeology and the Human Past. Research Institute for Humanity and Nature, Kyoto. 2008.
- Toshiki Osada and Akinori Uesugi (eds.) Occasional Paper 4: Linguistics, Archaeology and the Human Past. Research Institute for Humanity and Nature, Kyoto. 2008.

- Toshiki Osada and Akinori Uesugi (eds.) Occasional Paper 5: Linguistics, Archaeology and the Human Past. Research Institute for Humanity and Nature, Kyoto. 2008.
- Toshiki Osada and Akinori Uesugi (eds.) Occasional Paper 6: Linguistics, Archaeology and the Human Past. Research Institute for Humanity and Nature, Kyoto. 2008.
- Toshiki Osada and Akinori Uesugi (eds.) Occasional Paper 7: Linguistics, Archaeology and the Human Past. Research Institute for Humanity and Nature, Kyoto. 2009.
- Toshiki Osada and Akinori Uesugi (eds.) Occasional Paper 9: Linguistics, Archaeology and the Human Past. Research Institute for Humanity and Nature, Kyoto. 2009.
- Toshiki Osada and Akinori Uesugi (eds.) Occasional Paper 10: Linguistics, Archaeology and the Human Past. Research Institute for Humanity and Nature, Kyoto. 2010.
- Aboshi, Y. K. Sonoda, F. Yoneda and A. Uesugi, Excavations at Saheth Maheth 1991-1996. East & West Vol. 49, Nos. 1-4, IsIAO, Rome: 119-173, 1999.
- Takahashi, T., T. Yamaoka, F. Yoneda and A. Uesugi, The Ancient City of Sravasti: its Significance on the Urbanisation of North India. Purãtattva, No. 30, New Delhi: 74-92, 2000.

- Akinori Uesugi, Re-evaluation of the pottery sequence in north India during the first millennium B.C. in Margabandhu, C., A.K. Sharma and R.S. Bisht ed., Puraratna - Emerging Trends in Archaeology, Art, Anthropology, Conservation and History. Agam Kala Prakashan, New Delhi: 182-196, 2002.
- V. Shinde, T. Osada, M.M. Sharma, A. Uesugi, T. Uno, H. Maemoku, P. Shirwalkar, S.S. Deshpande, A. Kurkarni, A. Sarkar, V. Rao and V. Dangi, “Exploration in the Ghaggar Basin and excavations at Girawad, Farmana (Rohtak District) and Mitathal (Bhiwani District), Haryana, India”. Occasional Paper 3: Linguistics, Archaeology and the Human Past. Indus Project, Research Institute for Humanity and Nature, Kyoto. pp.77-158. 2008
- A. Uesugi, ‘Cultural Interaction between the Indus Valley and the Iranian Plateau’. International Seminar: Cultural Relations between the Indus and the Iranian Plateau during the Third Millennium BCE: Abstract. Indus Project, Research Institute for Humanity and Nature, Kyoto. pp.20-24. 2008.
- V. Shinde, T. Osada, A. Uesugi and Manmohan Kumar, “A Report on Excavations at Farmana 2007-08”. Occasional Paper 6: Linguistics, Archaeology and the Human Past. Indus Project, Research Institute for Humanity and Nature, Kyoyo. pp.1-116. 2008.

- Manmohan Kumar, V. Shinde, A. Uesugi, V. Dangi, Sajjan Kumar and Vijay Kumar, “Excavations at Madina, District Rohtak, Haryana 2007-08: A Report”. Occasional Paper 7: Linguistics, Archaeology and the Human Past. Indus Project, Research Institute for Humanity and Nature, Kyoyo. pp.77-177. 2009.
- A. Uesugi, “Pottery from the Settlement Area”, in V. Shinde, T. Osada and Manmohan Kumar eds. Excavations at Farmana, District Rohtak, Haryana, India, 2006-2008. Indus Project, Research Institute for Humanity and Nature, Kyoto. pp.168-368. 2011.
- A. Konasukawa, H. Endo and A. Uesugi, “Minor objects from the Settlement Area”, in V. Shinde, T. Osada and Manmohan Kumar eds. Excavations at Farmana, District Rohtak, Haryana, India, 2006-2008. Indus Project, Research Institute for Humanity and Nature, Kyoto. pp.369-529. 2011.
- A. Uesugi, “Pottery from the Cemetery”, in V. Shinde, T. Osada and Manmohan Kumar eds. Excavations at Farmana, District Rohtak, Haryana, India, 2006-2008. Indus Project, Research Institute for Humanity and Nature, Kyoto. pp.674-800. 2011.
- A. Uesugi, “Pottery”, in V. Shinde, T. Osada and Manmohan Kumar eds. Excavations at Girawad, District Rohtak, Haryana, India, 2006. Indus Project,

Research Institute for Humanity and Nature, Kyoto. pp.40- 239. 2011.

- A. Uesugi and S. Meena, “Pottery”, in J.S. Kharakwal, T. Osada and Y.S. Rawat eds. Excavations at Kanmer, District Kachchh, Gujarat, India. Indus Project, Research Institute for Humanity and Nature, Kyoto (in press).
- Manmohan Kumar, A. Uesugi, V. Shinde, V. Dangi, Vijay Kumar, Sajjan Kumar, A.K. Singh, Rajesh and Rajeev Mann, “Excavations at Mitathal, district Bhiwani (Haryana) 2010-11-A Prelimainary Report”, Purātattva, Indian Archaeological Society (in press).
- V. Dangi and A. Uesugi, “A Note on the Harappan Painted Pottery from the Ghaggar Plains”, Purātattva, Indian Archaeological Society (in press).

# الگزينڊر ڪنگھم

# Alexander Cunningham

الگزينڊر ڪنگھم کي سنڌو ماٿري جي آرڪيالاجي جو ابو قرار ڏنو ويندو آهي. هي پهريون شخص هيو، جنهن سنڌ هند جي قديم آثارن تي پهريون پيرو تحقيق ڪري، انهن جي قديم اهميت کي دنيا اڳيان نروار ڪيو. پاڻ 23 جنوري 1814ع تي لنڊن جي هڪ شاعراڻي گهراڻي ۾ جنم ورتو ۽ 28 نومبر 1893ع تي وفات ڪئي. ڪنگھم پنهنجي ملازمت جي شروعات ته برطانوي فوج ۾ انجنيئر

جي حيثيت سان ڪئي، پر سندس اصل سڃاڻپ قديم آثارن جي ماهر ۽ تاريخدان طور رهي آهي. پاڻ جڏهن ڏکڻ هندستان ۾ برطانوي فوج جي بينگال انجنيئرنگ گروپ ۾ هيو ته هن هندستان جي قديم تهذيب ۽ تاريخ ۾ دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي. کيس 1861ع ۾ انڊيا ۾ آرڪيالاجيڪل سرويئر مقرر ڪيو ويو. الگزينڊر ڪنگھم ئي اڳتي هلي انڊيا ۾ آرڪيالاجيڪل سروي آف انڊيا جو بنياد رکيو. کيس جنوري 1871ع ۾ آرڪيالاجيڪل سروي آف انڊيا جو ڊائريڪٽر جنرل مقرر ڪيو ويو. پاڻ ان عهدي تي 30 سيپٽمبر 1885ع تائين خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو. ڪنگھم 1871ع ۾ انڊيا جي

قـــديم جـــاگرافي تي Ancient Geography of India (1871) نالي ڪتاب لکيو.

ڪنگهم آرڪيالاجيڪـل سـروي آف انـڊيا جـو ڊائريڪٽر جنرل مقرر ٿيڻ بعـد انـڊيا ۾ قـديم مـاڳن جي سـروي ۽ کوٽـائي جـو ڪم شـروع ڪيـو. هن ٽيڪسيلا کان گور تائين سروي ۽ کوٽـايون ڪرايـون ۽ پنهنجي کوجنا کي 24 رپورٽن جي شڪل ۾ پـڌرو ڪيو. سنڌ ۽ هنڌ جي قـديم آثـارن بـابت هن جرنـل آف ايشياٽڪ سوسـائٽي ۾ ڪيـترائي تحقيقي مقـالا لکيا. الگزينڊر ڪنگهم جي تحقيق کي بنياد بڻائينـدي اڳتي هلي سر جان مارشل ۽ مـارٽيمر ويلـر سـنڌو سـڀيتا تي وڌيڪ کوجنـا ڪـري ان جي قـدامت کي دنيا اڳيان ظاهر ڪيو. الگزينڊر ڪنگهم پهريون پيرو 1872ع ۾ سـنڌو سـڀيتا جي اهم مـاڳ هڙاپـا جي کوٽائي ڪرائي ۽ ان جي 5 هزار سـال قـدامت کي ظاهر ڪيو.

## ڪتاب ۽ مقالا

- LADĀK: Physical, Statistical, and Historical with Notices of the Surrounding Countries (1854).
- Bhilsa Topes (1854), a history of Buddhism
- The Ancient Geography of India (1871)
- Corpus Inscriptionum Indicarum. Volume 1. (1877)
- The Stupa of Bharhut: A Buddhist Monument Ornamented with Numerous

Sculptures Illustrative of Buddhist Legend and History in the Third Century B.C. (1879)

- The Book of Indian Eras (1883)
- Coins of Ancient India (1891)
- Mahâbodhi, or the great Buddhist temple under the Bodhi tree at Buddha-Gaya

امريتا سارکر

Amrita Sarkar

پارتي آرڪيالاجسٽ امريتا سارڪر دڪن ڪاليج پوسٽ گريجوئيٽ اينڊ ريسرچ انسٽيٽيوٽ جي آرڪيالاجي شعبي جي پروفيسر آهي. پاڻ ڪلڪتي يونيورسٽي مان جاگرافي ۾ بي ايس سي ڪئي. جنهن بعد ساڳي يونيورسٽي مان آرڪيالاجي ۾ ايم ايس سي جي ڊگري حاصل ڪئي. پاڻ 2005ع ۾ دڪن ڪاليج ۾ پي ايچ ڊي جي ڊگري لاءِ داخلا ورتي ۽ 2011ع ۾ راجسٿان جي ميوار ريجن ۾ سنڌو سڀيتا ۽ ثقافت جي اوسر جي موضوع تي ڊاڪٽريٽ جي ڊگري حاصل ڪئي. پاڻ ڊسمبر 2010ع ۾ دڪن ڪاليج جي آرڪيالاجي ڊپارٽمينٽ ۾ پروفيسر طور مقرر ڪئي وئي. پاڻ ڏکڻ ايشيا جي آرڪيالاجي بابت سوسائٽي جي به جوائنٽ سيڪريٽري آهي. جڏهن ته سوسائٽي طرفان آرڪيالاجي بابت نڪرندڙ جرنل جي جوائنٽ ايڊيٽر به آهي. پاڻ پارتي رياست راجسٿان ۾ سنڌو ماٿري جي سڀيتا تي تحقيق سان لاڳاپيل آهي. هن ان موضوع تي ڪيترائي مقالا ۽ ڪتاب تحرير ڪيا آهن.

## ڪتاب ۽ مقالا

- Plant macro remains from Early Historic Vessel, Gilund, Rajasthan, (Amrita Sarkar and Satish Naik)
- Chalcolithic and modern potting at Gilund, Rajasthan: a cautionary tale,
- Development of Chalcolithic phases in Gilund through Ceramic Chronolog, IRANIAN JOURNAL OF ARCHAEOLOGICAL STUDIES 1: 2 (2011)
- Chalcolithic Rajasthan, Protohistoric Foundations
- A Study of Development of the Ahar Culture in south-east Rajasthan, India from a ceramic point of view.
- Ethoarchaeology in the field: learning from the potters in Gilund
- Contextualizing Ahar culture Phase in Central India
- Ahar Culture with Special Reference to the site of Balathal and Gilund
- Exploration in the Ghaggar Basin and excavations at Girawad, Farmana (Rohtak District) and Mitathal (Bhiwani District), Haryana, India
- Indian Chalcolithic Culture: Aspects of Craft and Technology
- V.2. Rajasthan Chalcolithic
- A Review of Multiple Approaches to the Study of India’s Early Past: Essays in Theoretical Archaeology

# اينڊريو روبنسن Andrew Robinson

اينڊريو روبنسن سنڌو سپيتا جي لکت تي تحقيق ڪندڙن ماهرن جي صف ۾ شامل رهيو آهي. هن 1957ع ۾ برطانيه ۾ جنم ورتو. پاڻ ايٽن ڪاليج جي ڊريگون اسڪول مان ڪيمسٽري جي مضمون ۾ تعليم حاصل ڪئي. بعد ۾لنڊن جي اورينٽل اسڪول مان ٻولي جي موضوع تي تعليم حاصل ڪئي. پاڻ پهريون ڀيرو 1975ع ۾ انڊيا آيو ۽ هتان جي ثقافت ۽ ٻولين بابت علم حاصل ڪيو. پاڻ انڊيا جي ٻولين ۽ قديم تاريخ تي ڪتاب لکيا. پاڻ هن وقت ڪيمبرج جي وولفسن ڪاليج جو

وزيٽنگ فيلو آهي. روبنسن هن وقت لنڊن ۾ رهنــدڙ ۽ تحقيــق جي شــعبي ســان لاڳاپيــل آهي. ســندس برطانيه ۽ آمريڪا ۾ مختلف موضوعن تي 25 کــان وڌيڪ ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. جيڪي يــورپ جي 13 ٻولين ۾ ترجمي ڪري به شايع ڪيا ويا آهن.

روبنس سنڌو ماٿري جي سڀيتا، ٻولي، مذهب ۽ شهري تمــدن ۽ معاشــي ۽ معاشــرتي صــورتحال تي تحقيق ڪري هڪ جامع ڪتاب The Indus: Lost Civilizationsلکيــو آهي. هي پهريــون مــاهر آهي، جنهن سنڌو سڀيتا جي دور ۾ زراعت ۽ چوپائي مال بابت به تفصيلي تحقيق ڪئي آهي. هن ســنڌو لکت کي بــه پــڙهڻ جي ڪوشــش ڪنــدي، ان متعلــق تحقيقي مقالو The Indus script تحرير ڪيــو آهي. سندس سنڌو سڀيتا تي لکيل ڪتاب ۽ مقالا محققن وٽ وڏي اهميت حاصل ڪري چڪا آهن.

## ڪتاب ۽ مقالا


- Robinson,The Indus: Lost Civilizations, Reaktion Books, November 2015.
- Robinson, The Indus script, Current World Archaeology, 64, 2014.
- The Coasts of India with Ashvin Mehta. Thames and Hudson (1987).
- Earth Shock: Hurricanes, Volcanoes, Earthquakes, Tornadoes & Other Forces of Nature. Thames and Hudson (1993).

- The Story of Writing: Alphabets, Hieroglyphs and Pictograms. Thames and Hudson (2000).
- The Man Who Deciphered Linear B: The Story of Michael Ventris. Thames and Hudson (2002).
- Lost Languages: The Enigma of the World's Great Undeciphered Scripts. McGraw-Hill (2002).
- Einstein: A Hundred Years of Relativity. Palazzo Editions (2005).
- The Last Man Who Knew Everything: Thomas Young, The Anonymous Polymath Who Proved Newton Wrong, Explained How We See, Cured the Sick, and Deciphered the Rosetta Stone, Among Other Feats of Genius. Pi Press, (2006).
- The Story of Measurement. Thames and Hudson (2007).
- Writing and Script. Oxford University Press (2009).
- Genius: A Very Short Introduction. Oxford University Press (2011).
- Cracking the Egyptian Code: The Revolutionary Life of Jean-Francois Champollion. Thames and Hudson (2012), Oxford University Press (2012).
- India: A Short History. Thames & Hudson (2014).

# اي ايل باشم

# Arthur Llewellyn Basham

اي ايل باشم ناميارو تاريخدان  انڊولاجسٽ رهيو آهي. پاڻ برطانيه جي شهر لوگٽن  24 مئي 1914ع  جنم ورتو  27 جنوري 1986ع تي انڊيا جي شهر ڪلڪتي  وفات ڪري ويو. پاڻ لنڊن جي اورينٽل  آفريڪن اسٽيڊيز جي اسڪول  تاريخ جو پروفيسر به رهيو. جتي هو ڪيترن ئي پارتي تاريخدانن  آرڪيالاجسٽن جو استاد به رهيو. جن  پروفيسر آر ايس شرما، روميلا ٿاپر  وي ايس پاٽڪ شامل آهن. اي ايل باشم کي عيسائيت سميت هندو ڌرم، ٻڌ ڌرم  اسلام جي مطالعي  ڪافي دلچسپي رهي. پاڻ لنڊن جي اورينٽل  آفريڪن اسٽيڊيز جي اسڪول مان سنسڪرت  بي اي جي ڊگري حاصل ڪئي. جنهن بعد هن ٻي عالمي جنگ  برطانوي سول ڊفينس ڊپارٽمينٽ  به خدمتون سرانجام ڏنيون.

باشم ٻي عالمي جنگ جي خاتمي بعد ٻيهر لنڊن جي اورينٽل  آفريڪن اسٽيڊيز جي اسڪول

۾ پنهنجي تعليم کي جاري رکندي تاريخ جي شعبي ۾ ڊاڪٽريٽ جي ڊگري حاصل ڪئي. پاڻ پنهنجي ڪيريئر جي شروعات 1948ع کان ليڪچرار طور ڪئي. جتان ترقي ڪري 1954ع ۾ پروفيسر جي عهدي تي پهتو. ڪيس 1965ع ۾ آسٽريلين نيشنل يونيورسٽي جي تاريخ جي شعبي جو سربراهه مقرر ڪيو ويو. جتان پاڻ 1979ع ۾ رٽائرمينٽ حاصل ڪئي. اي ايل باشم سنڌو سڀيتا ۾ انڊيا جي قديم تاريخ ۾ ڪافي دلچسپي رکندو هو. هن آسٽريلين نيشنل يونيورسٽي ۾ سنڌو سڀيتا تي ڪيترائي ليڪچر به ڏنا. ڪيس 1985ع ۾ ايشياٽڪ سوسائٽي ڪلڪتي جي اورينٽل اسٽيڊيز ۾ پروفيسر مقرر ڪيو ويو. پاڻ قديم سنڌو سڀيتا تي ڪافي مضمون، مقالا ۾ ڪتاب لکيا. قديم انڊيا جي تاريخ بابت سندس The Wonder That was Indiaڪتاب کي ڪافي شهرت حاصل ٿي. سندس ان ڪتاب جا ڇاپا سميت ٻين ملڪن ۾ ڪافي ايڊيشن شايع ٿي چڪا آهن.

## ڪتاب ۾ مقالا

- The History and Doctrines of the Ajivikas: A Vanished Indian Religion, London, 1951.
- The Wonder that was India, Sidgwick & Jackson, London, 1954
- Papers on the Date of Kaniṣka, Leiden, 1968.
- A Cultural History of India (editor), Oxford, 1975.

- Basham, A. L, revised, Vincent Arthur Smith's Oxford History of India with Mortimer Wheeler in 1958.

## مقالا

- Basham, A. L. (October 1948). "Harṣa of Kashmir and the Iconoclast Ascetics". Bulletin of the School of Oriental and African Studies 12 (3-4): 140–145.
- Basham, A. L. (February 1949). "Recent Work on the Indus Civilization". Bulletin of the School of Oriental and African Studies 13 (01): 140.

# آسڪو پرپولا

# Asko Parpola

فنلينڊ جو آرڪيالاجي ماهر آسڪو پرپولا سنڌو سڀيتا جي لکت تي گذريل 40 سالن کان تحقيق ڪري رهيو آهي. قديم لکتن، ٻولي ۾ ثقافتن تي تحقيق ڪندڙ هن فنش اسڪالر آسڪو پرپولا 1941ع ۾ جنم ورتو. فنلينڊ جي هيلسنڪي يونيورسٽي سان لاڳاپيل هن پروفيسر سنڌو لکت تي تحقيق جي حوالي سان وڏي مشهوري ماڻي آهي. جيتوڻيڪ پاڻ سنڌو لکت کي پڙهڻ ۾ ڪا ڪاميابي حاصل نه ڪئي آهي، پر هن ان تحقيق کي اڳتي وٺي هلڻ ۾ نتيجن تائين پهچائڻ لاءِ بنياد ضرور فراهم ڪيا آهن. پرپولا سنڌو لکت تي تحقيق ڪندڙ ماهرن جي ان صف ۾ شامل رهيو آهي، جيڪي دراوڙي تصور تي هلندي تامل ٻولي کي بنياد بنائي سنڌو ماٿري جي هن قديم لکت ۾ ٻولي کي پڙهڻ ۾ سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. سندس سنڌو لکت تي تحقيق سان گڏ سنڌو سڀيتا متعلق هڪ ٻي وڏي ڪوشش موهن جو دڙو سميت هن ماٿري جي ٻين قديم ماڳن تان مليل مهرون آهن. انهن مهرن بابت ٽن جلدن ۾ لکيل ڪتاب جو پاڻ شريڪ ايڊيٽر به آهي. اهي ٽي جلد 1987ع، 1991ع ۾ 2010ع ۾

شايع ڪيا ويا. پرپولا دنيا جي هن قديم لکت کي سمجهڻ ۾ پڙهڻ جي ڪوشش طور فنلينڊ جي ماهرن جي هڪ ٽيم تشڪيل ڏني. هن ۾ سندس ٽيم طرفان مرتب ڪيل نتيجن بابت سندس ڪتاب ”سنڌو لکت کي پڙهڻ جي ڪوشش“ ڪيمبرج يونيورسٽي پريس مان 1994ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. پرپولا پنهنجي تحقيق ذريعي اها ڳالهه ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته سنڌو سڀيتا جي لکت ۽ ٻولي دراوڙي زبان جي خاندان سان تعلق رکن ٿيون. هن اڳوٽي سوويت يونين جي روسي ماهرن هيراس Heras ۽ ڪنوروزوف Knorozov جي ان ٿيوري کي اڳتي وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جنهن ۾ روسي ماهرن اها دعوى ڪئي هئي ته هنن سنڌو لکت کي پڙهڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي آهي ۽ سنڌو ماٿري جي وارثن جي ٻولي ۽ لکت پروٽو دراوڙي هئي. پرپولا جيتوڻيڪ روسي ماهرن جي دراوڙي ٻولي واري دعوى کي ته پنهنجو ڪيو، پر انهن ماهرن جي ٻولي ۽ لکت کي پڙهڻ بابت تجويز ڪيل نتيجن کي مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. پرپولا طرفان سنڌو ماٿري جي تهذيب ۽ ٻولي کي دراوڙي قرار ڏيڻ تي کيس 23 جون 2010ع تي منعقد ٿيل عالمي ڪلاسيڪل تامل ڪانفرنس ۾ ڪلاسيڪل تامل ايوارڊ سان به نوازيو ويو.

## ڪتاب ۽ مقالا

- Asko Parpola, Deciphering the Indus Script, Cambridge University Press, 1994

- Asko Parpola, The Roots of Hinduism: The Early Aryans and the Indus Civilization, Oxford University Press, 2015
- Asko Parpola, The Sky Garment: A Study ofthe Harappan Religion And Its Relation To The Mesopotamian And Later Indian Religions
- Asko Parpola, Jagat Pati Joshi, Corpus of Indus seals and inscriptions, Suomalainen Tiedeakatemia, 1987
- Asko Parpola, Sayid Ghulam Mustafa Shah, Corpus of Indus Seals and Inscriptions, Vol. 2, Suomalainen Tiedeakatemia, 1991
- Asko Parpola, B. M. Pande, Petteri Koskikallio, Corpus of Indus Seals and Inscriptions, Vol. 3.1, Memories of the Archaeological Survey of India, vol. 96. Helsinki, 2010.
- Asko Parpola, South Asian Religion and Society (Studies on Asian Topics, No 11), Riverdale Co Pub, 1986
- Asko Parpola, Computer Techniques in the Study of the Indus Script, Walter de Gruyter, 1971
- Is the Indus script indeed not a writing system? In: Airāvati: Felicitation volume in honour of Iravatham Mahadevan: 111–31. VARALAARU.COM, Chennai. 2008

- Christian Carpelan (Editor), Asko Parpola (Editor), Petter Koskikallio(Editor), Early contacts between Uralic and Indo-European: Linguistic and archaeological considerations, Suomalais-ugrilainen Seura, 2001
- Klaus Karttunen (Editor), Asko Parpola (Contributor), Juha Janhunen(Contributor), Volker Rybatzki (Contributor), Kimmo Granqvist(Contributor), Hans Henrich Hock (Contributor), Ananta Śāstram: Indological and Linguistic Studies in Honour of Bertil Tikkanen, Finnish Oriental Society, 2010

# اورل اسٽين

# Aurel Stein

 قديم آثارن  جاگرافي جي برطانوي ماهر اورل اسٽين کي ڏکڻ  وچ ايشيا جي قديم تهذيبن  جاگرافيائي لنگهن بابت تحقيقات جي حوالي سان سڃاتو وڃي ٿو. پاڻ پاڪستان، ايران، چائنا، ترڪستان سميت وچ ايشيا جي ڪيترن ئي ملڪن  قديم تهذيبن  لنگهن تي کوجنا ڪئي. سندس کوجنا جو اهم مقصد سڪندر اعظم جي سنڌ تي حملي وارو لنگهه معلوم ڪرڻو هيو. ان بهاني هن ان کوج دوران سڪندر اعظم جي اچڻ کان به سوين هزارين سال اڳ جي ماڳن تائين به رسائي حاصل ڪئي  انهن جي کوٽائي ڪرائي. اورل اسٽين هنگري جي بداپسٽ شهر  26 نومبر 1862ع تي جنم ورتو. جڏهن ته پاڻ 26 آڪٽوبر 1943ع  افغانستان جي شهر ڪابل  لاڏاڻو ڪري ويو. اورل اسٽين سڄي عمر ڪنوارو رهيو. پاڻ يوناني، ليٽين، فرينچ  انگريزي ٻوليون ڄاڻندو هو. هن ڪاليج جي پڙهائي

بعد سنسڪرت □ فارسي □ گريجوئيشن ڪئي. بعد □ 1883ع □ ڊاڪٽريٽ جي ڊگري حاصل ڪئي.

اورل اسٽين پنجاب □ سنڌو سڀيتا جي قديم ماڳ گنويري والا کي دريافت ڪيو. اورل اسٽين بهاولپور □ سڪي ويل هاڪڙو درياهه جي پيٽ پرسان به کوجنا ڪري قديم دور جا ماڳ هٿ ڪيا. اورل اسٽين خيبر پختون خواهه صوبي □ 1898ع کان 1928ع تائين قديم دور جي ماڳن تي کوجنا ڪئي □ علائقي جو سروي ڪرايو. پاڻ مالاڪنڊ □ پهريون پيرو اتان جي پوليٽيڪل ايجنٽ جي سهڪار سان قديم ماڳن جي کوٽائي ڪرائي. هن ان کوجنا دوارن سنڌو سڀيتا سان ڳنڍ ٻڌ دور جا به ڪيترائي قديم ماڳ دريافت ڪيا. اسٽين اها کوجنا ان وقت شروع ڪئي، جڏهن پاڻ لاهور جي اورينٽل ڪاليج جو 1888ع کان 1899ع تائين پرنسپال هيو. برطانوي حڪومت کيس ان وقت جي اين ڊبليو ايف پي □ موجوده کي پي کي صوبي □ آرڪيالاجي جو سپرينٽينڊنٽ مقرر ڪيو. جيئن پاڻ ان خطي □ قديم تهذيب بابت سروي □ کوٽائي جو ڪم شروع ڪري سگهي. پاڻ ان عهدي تي 1904ع کان 1917ع تائين مقرر رهيو. ان عهدي تان رٽائر ٿيڻ بعد به هن خطي □ تحقيقات جو ڪم جاري رکيو. پاڻ سوات □ به قديم آثارن تي کوجنا ڪئي. کي پي کي □ اورل اسٽين جي تحقيقات جو اهم مقصد سڪندر اعظم جي سنڌ آمد جو دڳ ڳولڻ هيو. هن بلوچستان □ به سنڌو سڀيتا جي ڪيترائي قديم ماڳ ڳولي لڌا، جن □ پيراڻو گنڊائي، ڊبر ڪوٽ □ ڪلي شامل آهن. جن مان ڪيترن ماڳن جي کوٽائي به ڪرائي. هن 1927 □ 1928ع □ ڪلي جي ماڳ جي کوٽائي ڪرائي.

اورل اسٽين سنڌو سپيتا جي شهري تمدن جي پوئتي پوڻ جو سبب آبهوا جي تبديلي ثابت ڪيو. هو سنڌو سپيتا جي زوال بابت نام نهاد آرين جي حملي واري تصور کي رد ڪندڙ ماهرن مان هيو.اسٽين قديم سنڌو سپيتا ۽ ميسوپوٽيما جي تهذيب وچ ۾ واپاري لاڳاپن جي حوالي سان به تحقيق ڪئي ۽ ان سلسلي ۾ ايران ۽ بلوچستان ۾ قديم ماڳن جون به کوٽايون ڪرايون. گوتم ٻڌ جي دور تي سندس تحقيق به اهميت لائق آهي. کيس آرڪيالاجي ۽ جاگرافي جي شعبي ۾ اهم دريافتون ڪرڻ تي ڪيترن ئي اعزازن ۽ ايوارڊن سان به نوازيو ويو. جن ۾ رائل جاگرافيڪل سوسائٽي طرفان فائونڊرس ميڊل ۽ رائل ايشياٽڪ سوسائٽي بمبئي طرفان گولڊ ميڊل ڏنو ويو. ان کانسواءِ کيس آئرلينڊ ۾ گريٽ برٽين طرفان به گولڊ ميڊل ۽ ايوارڊ ڏنا ويا. کيس يونيورسٽي آف ڪيمبرج طرفان ڊاڪٽر آف سائنس ۽ ايس ٽي اينڊريو يونيورسٽي طرفان قانون جي اعزازي ڊگري به ڏني وئي.

## ڪتاب ۽ مقالا

- An Archeological tour along the Gaaggar-Hakra River, 1940-42, in S. P. Gupta(ed.) 1943.
- Detailed Report on an Archaeological Tour with the Buner Field Force, Lahore, Punjab Government Press. 1898.
- Report of Archaeological Survey Work in the North-West Frontier Province and

Baluchistan, Peshawar, Government Press, N.W. Frontier Province. 1905.

- On Alexander's Track to the Indus: Personal Narrative of Explorations on the North-West Frontier of India. London, Macmillan & Co. Reprint: New York, Benjamin Blom, 1972.
- On Ancient Central-Asian Tracks : vol.1, 1933
- Archaeological Reconnaissances in North-Western India and South-Eastern Īrān : vol.1, 1937
- Old Routes of Western Iran: Narrative of an Archaeological Journey Carried out and Recorded, MacMillan and co., limited. St. Martin's Street, London. 1940
- Archaeological Notes from the Hindukush Region. J.R.A.S., pp. 1–24 + fold-out. 1944.

اروري ديدير

# Aurore Didier

فرينچ آرڪيالاجسٽ اروري ديدير سنڌو سڀيتا تي پاڪستان ۾ فرانس جي گڏيل مشن هيٺ مڪران ۽ سنڌ جي لاڙ واري خطي ۾ تحقيق ڪري رهي آهي. ”مشن آف انڊس“ ‘‘Mission of Indus’’ (MAI) جي نالي سان هن پراجيڪٽ جي شروعات مشهور فرينچ آرڪيالاجسٽ جين ميري ڪيسل طرفان 1958ع کان ڪئي وئي. هن پراجيڪٽ جو مقصد بلوچستان ۽ سنڌو ماٿري جي لهواري خطي ۾ سنڌو سڀيتا جي لڪل رخن کي ظاهر ڪرڻ هيو. جين ميري ڪيسل بعد ان پراجيڪٽ کي اروري ديدير جاري رکيو. ان مشن ۾ سائٽس پروفيسر آر بيسينول ۽ ڊاڪٽر وي مارڪون شريڪ رهيا.

ڊاڪٽر اروري ديدير فرينچ نيشنل سينٽر فار سائنٽيفڪ ريسرچ French National Center for Scientific Research (CNRS) جي محقق ۽ فرينچ

آرڪيالاجيڪل مشن ان دي انڊس بيسن French Archaeological Mission in the Indus Basin (MAFBI) جي ڊائريڪٽر آهي. پاڻ ان مشن تحت سنڌ جي لاڙ واري خطي ۽ بلوچستان جي مڪران ۾ سنڌو سڀيتا تي وڏيڪ کوجنا ڪري رهي آهي. پاڻ 2001ع کان 2006ع تائين بلوچستان جي ڪيچ مڪران واري علائقي ۾ ڊاڪٽر رولينڊ بيسينول Roland Besenval جي سربراهي ۾ قديم ماڳن جون کوٽايون به ڪرايون آهن. هن انهن کوٽائن ۾ کوجنا تي ڪتاب به شايع ڪيو. اروري ديدير مهر ڳڙهه ۽ نوشهره جي قديم ماڳن بابت ٿيل کوجنا

تي ڊاڪٽر جين فرانکوس جارجي سان گڏ تفيصلي
تحقيقي رپورٽ تيار ڪئي. جڏهن ته هن مکران □
سنڌو سڀيتا تي ٿيل تحقيق کتابي صورت □ تيار
ڪئي آهي. پاڻ تازو سنڌو سڀيتا جي شهري تمدن
جي مرکز چانهون جي دڙي تي وڏيک کوٽائي
ڪرائي آهي. سندس ڪافي کتاب □ رپورٽون
فرانسيسي زبان □ شايع ٿيل آهن.

## کتاب □ رپورٽون:


- DIDIER, A. (2013) La production céramique du Makran (Pakistan) à l’âge du Bronze ancien. Contribution à l’étude du peuplement ancien des régions indo-iraniennes. MAFACAM XIV. Paris: Diffusion de Boccard. 376 pp.
- Jarrige, J.-F., Quivron, G. & Jarrige, C. with the collaboration of J.F. Haquet, A. Didier & R. Meadow (2011) Nindowari (Pakistan). The Kulli culture, its origin and its relations with the Indus Civilization. Editions.
- Besenval, R. & Didier, A. (2004) Peuplement protohistorique du Kech-Makran au 3ème millénaire av. J.-C.: l’assemblage céramique de la période IIIc sur le site de Miri Qalat. Paléorient 30/2: 159-177
- Didier, A. (2011) The use of colour in the Protohistoric pottery from Pakistani Balochistan and from Mundigak (Afghanistan): Cultural Identities and

Technical Traditions. Annales de la fondation Fyssen n° 26: 126-149.

- Jarrige, J.-F., Didier, A. & Quivron, G. (2011) Shahr-i Sokhta and the Chronology of the Indo-Iranian Borderlands. Paléorient 37 (2): 7-34.
- Didier, A. (2011) Échanges et territoires culturels en Asie méridionale à la période protohistorique à partir de l’étude des productions peintes polychromes. 4ème Congrès International du Réseau Asie.
- Didier, A. & Méry, S. (2012) Les premières céramiques fines d’Asie moyenne aux IVe et IIIe millénaires av. J.-C. In : Lefèvre, V. (ed.) Orientalismes. De l'archéologie au musée. Mélanges en l'honneur de Jean-François Jarrige: 177-192. Brepols (collection Indicopleustoi).
- Didier, A. & Mutin, B. (2013) La production céramique protohistorique du Makran pakistanais dans la compréhension des relations indo-iraniennes. In: J. Bendezu-Sarmiento (dir.), CAC-IFEAC # 21-22, 2013 – p. 461-486.

بي بي لال

# B. B. Lal

برج باسي لال انڊيا جـو مشـهور آرڪيـالاجي ماهر آهي. سندس جنم 2 مئي 1921ع ۾ انڊيا جي رياست آگرا جي شـهر جانسـي ۾ ٿيـو، پـاڻ بي بي لال جي نـالي سـان مشـهوري مـاڻي. بي بي لال سنسڪرت زبان ۾ ويدن بابت الهه آباد يونيورسـٽي مان ماسٽرس جي ڊگري حاصـل ڪـئي. ماسـٽرس ڪرڻ بعد بي بي لال آرڪيـالاجي ۾ دلچسـپي ورتي ۽ 1943ع ۾ برطانيـه جي آرڪيالاجسـٽ مـارٽيمر ويلر وٽ ٽريني جي حيثيت سان ڪم جي شروعات ڪئي ۽ مارٽيمر ويلر جي نگراني هيٺ ٽيڪسيلا جي کوٽائي ۾ بهرو ورتو. جنهن بعد پاڻ هڙاپا جي قـديم ماڳ تي 50 سالن تائين کوجنا ڪئي.

پاڻ 1968ع کان 1972ع تائين آرڪيالاجيڪل سـروي آف انـڊيا جـو ڊائريڪـٽر جـنرل رهيـو. هن انڊين انسٽيٽيوٽ آف ايڊوانس اسٽيڊيز شمال ۾ بـه ڊائريڪٽر طـور ذميواريـون نڀايون. پـاڻ يونيسـيڪو جي ڪيٽرن ئي ڪاميٽين ۾ به ميمبر رهيو. انڊيا جي

حڪـــومت طرفـــان کيس سـندس آرڪيـالاجي جي شـعبي ۾ خـدمتن عيـوض پدما ڀوشن ايوارڊ سان بـه نوازيـــو ويـــو. پـــاڻ آرڪيالاجيڪـل سـروي آف انڊيا جي تعاون سان انـڊيا سـميت افغانسـتان ۾ پـڌ دور جي قديم ماڳن تي به تحقيق ڪـئي. لال 1950ع کـان 52ع تـائين مهاڀارتـا جي قديم ماڳن تي بـه ڪم ڪيـو. پـاڻ راجسـٿان ۾

سنڌو سڀيتا جي قديم ماڳ ڪالي بنگن تي به تحقيق ڪئي. بي بي لال جا ڪيترائي ڪتاب ۽ 150 کان وڌيڪ تحقيقي مقالا قومي ۽ بين الاقوامي سطح جي سائنس جي رسالن ۾ شايع ٿي چڪا آهن.

## ڪتاب ۽ مقالا

- B.B. Lal (1952). New Light on the "dark Age" of Indian History: Recent Excavations at the Hastinapura Site, Near Delhi. Illustrated London news.
- B. B. Lal (1953). Studies in Early and Mediaeval Indian Ceramics: Some Glass and Glasslike Artefacts from Bellary, Kolhapur, Maski, Nasik and Maheshwar.
- Braj Basi Lal (1955). Excavations at Hastinapura and Other Explorations [in the Upper Gangā and Sutlej Basins], 1950-52.
- Shikaripur Ranganatha Rao; Braj Basi Lal (1960). Excavation at Rangpur and Other Explorations in Gujarat.
- B. B. Lal (1963). The Only Asian Expedition in Threatened Nubia: Work by an Indian Mission at Afyeh and Tumas.
- Jagat Pati Joshi; Braj Basi Lal (1963). Comparative Stratigraphy of the Protohistoric Cultures of the Indo-

Pakistan Subcontinent. Ethnographic and Folk-Culture Society, U.P.

- Braj Basi Lal (1964). Indian Archaeology Since Independence. Motilal Banarsidass.
- B. B. Lal (1968). Indian Rock Paintings: Their Chronology, Technique and Preservation.
- B.B. Lal (1972). The Copper Hoard Culture of the Ganga Valley. Heffer.
- B. B. Lal (1977). On the Most Frequently Used Sign in the Indus Script.
- B. B. Lal (1978). Weathering and Preservation of Stone Monuments Under Tropical Conditions: Some Case Histories.
- B.B. Lal (1978). Scientific Examination of Works of Art and History. Indian Association for the Study of Conservation of Cultural Property.
- Special survey reports on selected towns: Dumka, 1981.
- Braj Basi Lal (1982). Has the Indus Script Been Deciphered?. Indian Inst. of Advanced Study.
- Frontiers of the Indus Civilization, 1984.
- B. B. Lal (1993). Excavation at Śṛiṅgaverapura: (1977-86). Director General, Archaeological Survey of India.

- Braj Basi Lal (1997). The Earliest civilization of South Asia: rise, maturity, and decline. Aryan Books International.
- Jagat Pati Joshi; D. K. Sinha; Braj Basi Lal (1997). Facets of Indian Civilization: Prehistory and rock-art, protohistory: Essays in Honour of Prof. B.B. Lal (Vol. 1). Aryan Books International. Retrieved 9 August 2013.
- B. B. Lal (1998). India 1947-1997: New Light on the Indus Civilization. Aryan Books International.
- Braj Basi Lal (2002). The Sarasvatī flows on: the continuity of Indian culture. Aryan Books International.
- Braj Basi Lal (2003). Excavations at Kalibangan: The Early Harappans, 1960-1969. Director General, Archaeological Survey of India.
- A. S. Bisht; Surinder Pal Singh; B. B. Lal (2004). Studies in Art and Archaeological Conservation: Dr. B.B. Lal Commemoration Volume. Agam Kala Prakashan.
- B. B. Lal (2005). The Homeland of the Aryans. Evidence of Rigvedic Flora and Fauna & Archaeology. Aryan Books.
- Braj Basi Lal; R. Sengupta (2008). A Report on the Preservation of Buddhist Monuments at Bamiyan in Afghanistan. Islamic Wonders Bureau.
- B. B. Lal (2008). Rāma, His Historicity, Mandir, and Setu: Evidence of

Literature, Archaeology, and Other Sciences. Aryan Books.

- B. B. Lal (2009). How Deep Are the Roots of Indian Civilization? Archaeology Answers. Aryan Books.
- Braj Basi Lal (2011). Excavations at Bharadwaja Ashram: with a note on the exploration at Chitrakuta. Archaeological Survey of India.
- Braj Basi Lal (2011). Piecing Together: Memoirs of an Archaeologist. Aryan Books International.
- Braj Basi Lal (2015). The Rigvedic People: 'Invaders’? /'Immigrants'? or Indigenous?. Aryan Books International.

بي كي ثاپر

# B. K. Thapar

پارتي آرڪيالاجسٽبي ڪي ٿاپر انڊيا جي شهر لـڌيانا □ 18 آڪٽـوبر 1921ع □ ڪـپڙي جي هڪ واپاري جي گهر □ جنم ورتـو □ 6 سـيپٽمبر 1995ع □ نـيئن دهلي □ وفـات ڪـري ويـو. هن لاهـور جي پنجاب يونيورسٽي مان تـاريخ جي شـعبي □ ايم اي جي ڊگري حاصل ڪـئي. جنهن بعـد آرڪيالاجيڪـل سروي آف انڊيا □ ملازمت حاصل ڪـئي، جـتي هن نامياري آرڪيـالاجي ماهر مـورٽيمر ويلـر جي سربراهي هيٺ تربيت حاصل ڪئي. جنهن بعـد بي ڪي ٿـاپرجرمني جي هائيـدل بـرگ يونيورسـٽي مـان اولهـه ايشـيا جي آرڪيـالاجي جي موضـوع تي

ڊاڪـٽريٽ جي سـند مـاٽي ورتي. پـاڻ انـڊيا جي ثقافت □ فن جي تـرقي بـابت جوڙيـل ٽرسـٽ "ان ٽيڪ" (Indian National Trust for Art and Cultural Heritage)جو باني پڻ هيو.

ٿاپر سنڌو سڀيتا جي قديم ماڳن جي کوٽـائي □ بهـرو ورتـو □ هن سـنڌو سـڀيتا جي قـديم مـاڳ ڪالي بنگن سميت پراڻا قلعـا □ ماسـڪي جـون بـه کوٽايون ڪـرايون. هن افغانستان جي فـراح مـاٿري □ بگرام □ به قديم ماڳن جي کوٽائي ڪـرائي. پـاڻ آرڪيالاجيڪـل سـروي آف انـڊيا جي جرنـل جـو 1973ع کان 1979ع تائين ايڊيٽر به رهيـو. بي ڪي ٿـاپر1978ع کـان 1981ع تـائين آرڪيالاجيڪـل سروي آف انڊيا جو ڊائريڪٽر جنرل رهيو.پـاڻ انـڊيا

سميت ڪيترن ئي ٻين ملڪن ۾ آرڪيالاجي، فن ۽
ثقافت بابت ادارن ۽ تنظيمن جو ميمبر ۽ سربراهه
به رهيو. جن ۾ آمريڪن انسٽيٽيوٽ آف انڊين
اسٽيڊيز جي صلاحڪاري ڪاميٽي جو ميمبر،
انٽرنيشنل ڪائونسل آف مونومينٽس اينڊ سائيٽس
جو نائب صدر، يونيسڪو جي انڊين نيشنل
ڪاميٽي جو ميمبر، جرمن آرڪيالاجيڪل انسٽيٽيوٽ
جو ميمبر، انڊين سائنس ڪانگريس جو ميمبر ۽
ريڊيو ڪاربان ڊيٽنگ ڪاميٽي جو ميمبر رهيو. ڪيس
ڀارتي سرڪار طرفان تعليم ۽ آرڪيالاجي ۾ نمايان
خدمتون سرانجام ڏيڻ تي پدما شري ايوارڊ سان
به نوازيو ويو. بي ڪي ٿاپر سنڌو سڀيتا تي ڪيترائي
تحقيقي ڪتاب ۽ مقالا تحرير ڪيا. جن مان ڪجهه
ڪتابن جو هيٺ ذڪر ڪجي ٿو.

## ڪتاب ۽ مقالا

- Indian megaliths in Asian context - with Arun Kumar Sharma (1994)
- Conservation of the Indian heritage - with Bridget Allchin and Frank Raymond Allchin (1989)
- Recent archaeological discoveries in India (1985)
- Approaches to the Archaeological Heritage Chapter 7, India - Henry Cleere (1984)
- History of Humanity: Scientific and Cultural Development. Book Chapter: The Indus Valley: 3000-1500 BC. Dani, A. H. and Mohan, J.-P. (eds.), Vol. II

UNESCO and Rutledge: 246-265 -
with Mohammed Rafique Mughal (1996)

# بينجمن ويلنتائين
# Benjamin Valentine

سنڌو سڀيتا تي تحقيق ڪندڙ ماهر بينجمن ويلنتائين بائيوآرڪيالاجسٽ آهي. پاڻ ڏکڻ ايشيا ▯ خاص ڪري سنڌو سڀيتا جي وارثن بابت جديد سائنسي بنيادن تي تحقيق ڪري رهيو آهي. ويلنتائين بائيو جيوڪيميڪل ڊيٽا ذريعي ان دور ▯ آبهوا ▯ ماحولياتي تبديلين سبب رهائشي نظام ▯ ڦيرڦار ▯ لڏپلاڻ متعلق کوجنا ▯ به مصروف آهي. بينجمن ويلنتائين آمريڪا جي ڊارٽموٿ ڪاليج يونيورسٽي جي اينٿروپلاجي شعبي سان سلهاڙيل آهي. کيس پي ايچ ڊي ڪرڻ دوران 2011ع ▯ فلوريڊا يونيورسٽي طرفان سنڌو سڀيتا جي وارثن جي شناخت ▯ لڏپلاڻ تي تحقيق ڪرڻ لاءِ گرانٽ به مهيا ڪئي وئي.

## ڪتاب ▯ مقالا

- Benjamin Valentine, George D. Kamenov, Jonathan Mark Kenoyer, Vasant Shinde, V. Mushrif-Tripathym Evidence for Patterns of Selective Urban

Migration in the Greater Indus Valley (2600-1900 BC): A Lead and Strontium Isotope Mortuary Analysis, PLOS ONE, 2015

- Benjamin Valentine, Evidence for Patterns of Selective Urban Migration in the Greater Indus Valley (2600-1900 BC): A Lead and Strontium Isotope Mortuary Analysis, PLOS ONE, 2015
- Benjamin Valentine, Resource depression, climate change, and mountain sheep in the eastern Great Basin of western North America, Archaeological and Anthropological Sciences, 2013
- Benjamin Valentine, Reconstructing Neolithic groups in Sarawak, Malaysia through lead and strontium isotope analysis, Journal of Archaeological Science, 2008

پيرو مل مهرچند آڏواڻي

# Bhero Mal Adwani

سنڌ جي قديم تاريخ ۾ ثقافت سميت ٻولي تي تحقيق ڪندڙن ڏيهي ماهرن ۾ ڀيرو مل مهرچند آڏواڻي جو نالو به شامل رهيو آهي. پاڻ 1875ع ۾ حيدرآباد ۾ جنم ورتو. پاڻ ثانوي تعليم حيدرآباد مان ورتي، ڀيرو مل ايڪسائيز کاتي ۾ 28 سال نوڪري ڪئي. بعد ۾ نومبر 1924ع ۾ ڪراچي جي ڏيارام ڄيٺمل سنڌ ڪاليج ۾ سنڌيءَ جو ليڪچرر مقرر ٿيو. هن سنڌو ماتري جي سپيتا، سنڌي ٻوليءَ، سنڌ جي تاريخ تي تحقيق شروع ڪئي. هن ويدن، مهاڀارت ۾ بين ڪتابن کي پيٽي تاريخي ڪتاب ”قديم سنڌ“ لکيو، جيڪو1957ع ۾ شايع ٿيو. سندس ڪتاب”سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ“ به تحقيق جي ميدان ۾ خاصو مقبول ٿيو. سندس اهو ڪتاب 1931ع ۾ شايع ٿيو. ڪاڪي ڀيرومل قديم تاريخ ۾ ٻولي سميت مختلف موضوعن تي 50 کان مٿي ڪتاب تحرير ڪيا. پاڻ ننڍي کنڊ جي ورهاڱي بعد ڀارت جي شهر پوني هليو ويو، جتي 1953ع ۾ وفات ڪئي.

## ڪتاب ۾ مقالا

- قديم سنڌ، 1957ع
- سنڌ جي هندن جي تاريخ
- سنڌي ٻولي جي تاريخ. 1931ع
- سوڍن جي صاحبي يا راڻن جو راڄ

## برجيث آلچن

# Bridget Allchin

برطانوي آرڪيالاجي جي ماهر ميڊم بــرجيٽ آلچن کي ڏکڻ آيشـــيا جي آرڪيـــالاجي تي خـــاص مهارت حاصل رهي آهي. پـاڻ 1927ع  برطـانوي شهر آڪسفورڊ  جنم ورتو. سـندس مـڙس ريمنـڊ آلچن به ڏکڻ ايشيا جي آرڪيالاجي جـو مـاهر رهيـو آهي. هن زال مڙس نه فقـط گـڏجي سـنڌو مـاٿري جي قديم تهذيب تي تحقيـق ڪـئي، پـر ڪيـترن ئي ڪتابن جا گڏيل خـالق بـه رهيـا آهن. بـرجيٽ آلچن يونيورسـٽي ڪـاليج لنـڊن  تـاريخ  قـديم تهـذيبن بـابت ڊگــري حاصـل ڪــرڻ لاءِ داخلا ورتي پــر هن پنهنجي والـــدين طرفـــان ڏکڻ آفريڪـــا لـــڏي وڃڻ سبب تعليم کي اڌ  چـــڏي ڏنو. بعد  پاڻ ڏکڻ آفريڪا جي شهر ڪيپ ٽـائون جي يونيورســـٽي  آفـــريڪن اســـٽيڊيز، انـــٿروپلاجي، آرڪيـــالاجي  آفـــريڪي ٻولين  تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ پـــڙهڻ شـــروع ڪيـــو. بـــــــرگيٽ پنهنجي تعليم دوارن ڏکڻ آفريڪـا جي پـٿر جي دور تي تحقيـق  مهـارت حاصـل ڪـئي. بعـد  پـاڻ 1950ع ڌاري برطانيـه واپس اچڻ جـو فيصـلو ڪيـو  برطانيـه پهچي انسٽيٽيوٽ آف آرڪيالاجي مان ڊاڪٽريٽ جي ڊگــري حاصـل ڪـئي. پـاڻ جــڏهن برطانيــه جي يونيورسٽي ڪاليج لنڊن مان پي ايچ ڊي ڪري رهي هـئي تـه سـندس پنهنجي هم ڪلاس ريمنـڊ آلچن

ســان ملاقـات ٿي، جيڪــا ان ئي ســال شــادي جي
بنڌڻ  تبديل ٿي وئي.

بـــرجيٽ آلچن ڪي ڊاڪـــٽريٽ جي پڙهـــائي
دوارن ئي ڏکڻ ايشيا جي قديم تهذيب  تاريخ سان
لڳــاءُ پئـدا ٿيـو، پــاڻ پهريـون پـيرو 1951ع  انـڊيا
پهتي، ڏکڻ ايشيا جي قديم تـاريخ  آرڪيـالاجي تي
وڏ ڪان وڏ تحقيق ڪندڙ هي پهرين عورت اســڪالر
هـئي. جنهن افغانسـتان ڪـان سـريلنڪا تـائين ڏکڻ
ايشيا جي آرڪيالاجي تي تحقيـق ڪـئي  ڪيـترائي
ڪتاب  مقـالا تحريـر ڪيـا. پهريـان تـه هن پنهنجي
مڙس رائمند آلچن سان فيلڊ  هٿ ونڊايو، پر پـــوءِ
پاڻ به ڏکڻ آيشيا جي آرڪيالاجي تي تحقيـق ڪـرڻ
لاءِ فنڊ حاصل ڪرڻ  ڪامياب ٿي وئي. جنهن بعـد
هن بروڊا يونيورسٽي جي پروفيسر ٿي ايم هيـڊج 
